اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# وضو جا طبي فائدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: اَوْلَى النَّاسِ بِیْ یَوْمَ الْقِیامَةِ اَکْثَرُهُمْ عَلَیَّ صَلَاةً يعني قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو- (ترمذي،ڪتاب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ،٢/ ٢٧، حديث:٤٨٤)

ذِکْر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے — میری فُضُول گوئی کی عادَت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون

نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ هر عقلمند شخص هن ڳالهه کان چڱي طرح واقِف آهي ته صفائي، سُترائي انسان جي وَقار (Dignity) ۾ اِضافو ڪندي آهي جڏهن ته گندگي اِنسان جي عزّت ۽ عظمت کي گهٽائيندي آهي- دينِ اسلام جتي انسان کي ڪُفر و شِرڪ جي نجاستن کان پاڪ ڪري عزّت ۽ بلندي عطا ڪئي آهي اتي ظاهري پاڪيزگي ۽ صفائي سُترائي جي اعليٰ تعليم جي ذريعي اِنسانيت جو مان مٿانهون ڪيو آهي- بهرحال بدن جي پاڪيزگي هجي يا لباس جي سُترائي، مڪان ۽ سازو سامان جي بهتري هجي يا سُواري جي ڌُلائي مطلب هر هر شيءِ کي صاف سُترو رکڻ جي دينِ اسلام ۾ تعليم ۽ ترغيب ڏني وئي آهي،

سيپارو 2 سُوۡرَةُ الۡبَقَرَه جي آيت نمبر 222 ۾ اِرشادِ خداوَندي آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَيُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿۲۲۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ الله توبه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽

پاڪائي ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو.

اهڙي طرح احاديثِ ڪريمه ۾ به صفائي سُترائي جي اَهمّيت کي اُجاگر ڪيو ويو آهي- اچو! هن باري ۾ 3 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظَ ڪريو،

## صفائي سُترائي جي اهميت تي احاديثِ مبارڪ

(1) فرمايائون: اَلطُّهُوْرُ نِصْفُ الْاِيْمَانِ يعني صفائي اڌ اِيمان آهي- (ترمذي، ڪتاب الدعوات، باب ۹۲، حديث : ۵،۳۵۳۰/۳۰۸)

(2) فرمايائون: بيشڪ اسلام صاف سُترو (دِين) آهي ته توهان به پاڪيزگي حاصِل ڪريو ڇوته جنت ۾ صاف سُترو رهڻ وارو ئي داخل ٿيندو- (ڪنز العمال،حرف الطاء، ڪتاب الطهارة، قسم الأقوال، الباب الاول في فضل الطهارة مطلقاً،الجزء۹، ۱۲۳/۵،حديث: ۲۵۹۹۶)

(3) فرمايائون: جيڪا شيءِ توهان کي مُيسّر هجي، ان مان پاڪيزگي حاصِل ڪريو، الله پاڪ اسلام جو بنياد صفائي تي رکيو آهي ۽ جنت ۾ صاف سُترا رهڻ وارا ئي داخل ٿيندا- (جمع الجوامع،قسم الاقوال، حرف التاء،۱۱۵/۴،حديث:۱۰۶۲۴)

تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجو پاڻ کي هر طرح جي گندگي ۽ ميل ڪچيل کان پاڪ ۽ صاف رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون ۽ اهڙيون تدبيرون اختيار ڪيون، جن کي اپنائڻ سان اسان هن مقصد کي ماڻڻ ۾ ڪاميابي تي سگهون- پنهنجو پاڻ کي صاف سُترو رکڻ ۽ پنهنجي صحّت کي برقرار رکڻ جي لاءِ باوُضو رهڻ بِلاشُبه هڪ بهترين عمل آهي- ڪرنگهي واري هڏي (Back Bone) ۽ حرام مَغز جسم جا نهايت حسّاس ۽ اهم ترين حِصَّا آهن، هن جو اندازو هر عقلمند انسان چڱي نموني لڳائي سگهي ٿو- فزيالوجي (Physiology) جي تحقيق ۽ ريسرچ مطابق جيستائين حرام مَغز (Spinal Cord) محفوظ رهندو، جسم جو اَعصابي نظام دُرست ۽ مُنظَّم رهندو- جيڪڏهن هن ۾ ڪنهن قسم جي خرابي تي ويندي ته انسان سڄي زندگي جي لاءِ محتاج تي ويندو آهي- اهڙي طرح مايوسي ۽ نفسياتي بيماريون به اسان جي معاشَري ۾ اِنتهائي تيزي سان پکڙجي رهيون آهن-

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وُضو هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو ڪرنگهي جي هڏي (BackBone)،

حرام مَغز جي خرابيءَ، مايوسي، نفسياتي بيمارين ۾ فالج جهڙين بين ڪيئي بيمارين کان بہ تَحَفُّظ فراهم ڪري ٿو- جديد سائنسي تحقيقات هن جو واضح ثُبوت آهي- اچو! جديد سائنسي تحقيقات جي روشني ۾ وُضو وارن عضوئن کي ڌوئڻ بابت ڪجھ طبّي فائدا پڙهون ٿا

## وُضوءَ جي حڪمت سبب اسلام قَبول ڪيائين

شَيخِ طريقت، اَميرِاهلسنت،باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رِسالي ”وُضو ۽ سائنس“ جي صَفحي نمبر 1 ۽ 2 تي لکن ٿا: هڪ شخص جو بيان آهي: مون بيلجيئم ۾ يونيورسٽي جي هڪ غيرمسلم شاگرد (Student) کي اسلام جي دعوت ڏني. ان سوال ڪيو تہ وضوءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سائنسي حڪمتون آهن؟ مان لاجواب (عاجز) ٿي ويس. ان کي هڪ عالم وٽ وٺي ويس پر ان کي بہ ان بابت معلومات نہ هئي، ايتري تائين جو سائنسي معلومات رکڻ واري هڪ شخص ان کي وضو جون ڪافي خوبيون ٻڌايون، پر ڪنڌ جي مسح جي حڪمت اهو بہ نہ ٻڌائي سگهيو. اهو غيرمسلم نوجوان هليو ويو، ڪجھ عرصي کان پوءِ آيو ۽ چوڻ لڳو: اسان جي پروفيسر ليڪچر جي دؤران ٻڌايو تہ روزانو ڪنڌ ۽ ان جي چوڌاري پاٺي جا ڪجھ قطرا هڻڻ سان ڪرنگهي جي هڏي ۽ حرام مغز جي خرابي مان پيدا ٿيڻ وارين بيمارين کان حفاظت حاصل ٿي ويندي آهي- اهو ٻڌي وضو ۾ ڪنڌ جي مسح جي حڪمت منهنجي سمجھ ۾ اچي وئي، تنهن ڪري مان مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو، پوءِ اهو مسلمان ٿي ويو. (وضو ۽ سائنس، ص۱-۲)

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت ۔۔۔ رہوں باوضو میں سدا یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ۔۔۔ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مغرِبي جرمني جو سيمينار

مغربي ملڪن ۾ مايوسي يعني (Depression) جو مرض تيزي سان وڌي رهيو آهي، دماغ فيل ٿي رهيا آهن، پاڳل خانن جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي- نفسياتي بيمارين جي ماهرن وٽ مريضن جون قطارون لڳل آهن- مغرِبي جرمني جي ڊپلومہ هولڊر هڪ پاڪستاني فزيوٿراپسٽ جو چوڻ آهي: مغرِبي جرمني ۾

هڪ سيمينار ٿيو، جنهن جو موضوع هو ”مايوسي (Depression) جو علاج دوائن کان علاوه بين ڪهڙن طريقن سان ممڪن آهي؟“ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي مقالي ۾ اهو حيرت انگيز انڪشاف ڪيو ته مون ڊپريشن جي ڪجهه مريضن کي روزانو پنج ڀيرا منهن ڌوئاريو، ڪجهه عرصي کان پوءِ انهن جي بيماري گهٽ ٿي وئي- وري اهڙن ئي مريضن جي ٻي گروپ جا روزانو پنج ڀيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئاريا ته بيماري ڪافي گهٽجي وئي- اهو ڊاڪٽر پنهنجي مقالي جي آخر ۾ اعتراف ڪري ٿو ته مسلمانن ۾ مايوسي جو مرض تمام گهٽ ڏٺو ويندو آهي ڇو ته اهي ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا هٿ، منهن ۽ پير ڌوئيندا (يعني وضو ڪندا) آهن- (وضو ۽ سائنس، ص۲-۳)

مسلماں ہے عطّاؔر تیری عطا سے ہو ایماں پر خاتِمہ یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وُضُوءِ هائي بلڊپريشر

هڪ هارٽ اسپيشلسٽ (دل جي ماهر ڊاڪٽر) جو وڏي يقين سان چوڻ آهي ته هاءِ بلڊ پريشر جي مريض کي وضو ڪرايو، پوءِ ان جو بلڊ پريشر چيڪ ڪريو، لازمي طور تي گهٽ هوندو- هڪ مسلمان ماهرِ نفسيات جو چوڻ آهي: ”نفسياتي بيمارين جو بهترين علاج وضو (Ablution) آهي-“ مغربي ماهرين نفسياتي مريضن کي وضوءَ وانگر روزانو ڪيترائي ڀيرا جسم تي پاڻي هڻڻ جو چوندا آهن- (وضو ۽ سائنس،ص۳)

## وُضُوءِ فالِج

وضو ۾ جيڪي ترتيب وار عضوا ڌوتا ويندا آهن، اهي به حڪمت کان خالي ناهن- پهريان هٿن کي پاڻي ۾ وجهڻ سان جسم جو اعصابي نظام بيدار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي چهري ۽ دماغ جي رڳن جي طرف ان جا اثرات پهچندا آهن- وضوءَ ۾ پهريان هٿ ڌوئڻ پوءِ ڪرڙي ڪرڻ پوءِ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ پوءِ چهرو ۽ ٻيا عضوا ڌوئڻ جي ترتيب فالج جي روڪٿام لاءِ مفيد آهي، جيڪڏهن چهرو ڌوئڻ ۽ مسح ڪرڻ کان شروعات ڪئي وڃي ته جسم ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو- (وضو ۽ سائنس،ص۳)

جو ہیں بیمار صحّت کے طالب اُن پہ فرما کرم ربِّ غالِب
تجھ سے رَحم وکرم کی دُعا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڀِڏو اوهان! وُضو ۾ ڪهڙن ڪهڙن مُوذِي مرضن جو علاج ۽ بيمارين کان شِفا رکي وئي آهي جو اڄ جي سائنس (Science) بہ هن جا طِبّي فائدا ۽ ثَمَرات کي بَيان ڪري رهي آهي- تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هميشہ باوُضو رهڻ جي عادت بڻايون تہ جيئن هن جي بَرَڪت سان اسان کي بہ بيشمار دُنيوي ۽ اُخرَوِي فائدا ۽ ثَمَرات نصيب ٿين- ياد رهي! هميشہ باوُضو رهڻ مُستَحَب ۽ اِسلام جي سُنَّت آهي- (فتاوٰي رضويه ،۱/۷۰۲ملخصاً) حديثِ پاڪ ۾ بہ هميشہ باوُضو رهڻ جي ترغيب ۽ فضيلت موجود آهي، جيئن

## هروَقت باوُضو رهڻ جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سَيِدُنا اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايائون: پٽ! جيڪڏهن توهان هميشہ باوُضو رهڻ جي اِستطاعت (طاقت) رکو تہ ائين ئي ڪريو ڇوتہ مَلَڪ المَوت جنهن ٻانهي جو رُوح وُضو جي حالت ۾ قَبض ڪن ان جي لاءِ شهادت لکي ويندي آهي- (شُعَبُ الْاِيمان،۳/۲۹:حديث۲۷۸۳)

اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: بعض عارِفن (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجْمَعِين) فرمايو: جيڪو هميشہ باوُضو رهي الله پاڪ ان کي سَتن فضيلتن جو شَرف عطا ڪندو: ﴿1﴾ ملائڪ ان جي صحبت ۾ رهڻ جي چاهت ڪندا ﴿2﴾ قلم ان جي لاءِ نيڪيون لکندو رهندو ﴿3﴾ ان جا عُضوا تسبيح ڪندا ﴿4﴾ ان جي تَڪبيرِ اُولي فوت نہ ٿيندي﴿5﴾ جڏهن سُمهي تہ الله ڪريم ڪجهہ ملائڪ موڪليندو تہ جيئن جِنن ۽ اِنسانن جي شر کان سندس حفاظت ڪن ﴿6﴾ موت جي سَڪرات ان تي آسان ٿيندي ﴿7﴾ جيستائين وُضوءَ سان رهندو الله پاڪ جي اَمان ۾ رهندو. (فتاوٰي رضويه،۱/۷۰۲)

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نَعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪي صُوفي سڳورا (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجْمَعِين) فرمائن ٿا: پاڪ ڪپڙن ۾ رهڻ، پاڪ بستر تي

سمهڻ (۽) هميشہ باوُضو رهڻ، دل جي صفائي جو ذريعو آهي- (مرآة المناجيح،۱/ ۳٦۸)

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مکتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”حافِظه ڪيسے مضبوط هو؟“ جي صَفحي نمبر 95 تي لکيل آهي: هر وَقت باوُضو رهڻ جي عادت بڻايو چوتہ باوُضو رهڻ سان جتي بيا بيشمار فائدا ۽ بَرڪتون حاصِل ٿين ٿيون اتي احساسِ ڪمتري کان بہ نجات ملندي آهي- (حافظه ڪيسے مضبوط هو؟،ص۹۵-۹٦)

باوُضو رهڻ جي عادت بڻائڻ ۽ ان تي اِستقامت جو هڪ بهترين ذريعو روزانہ فڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو پُر ڪرڻ بہ آهي- شَيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ”72 مَدَني اِنعامات“ نالي پنهنجي رِسالي ۾ ڏينهن جو اَڪثر حِصّو باوُضو رهڻ جي ترغيب تي مُشتَمِل هڪ مَدَني اِنعام بہ شامل فرمايو آهي، جيئن

مَدَني اِنعام نمبر39 آهي: ڇا اڄ اوهان ڏينهن جو اڪثر حِصّو باوُضو رهيا؟

الله ڪريم اسان کي روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو پُر ڪرڻ ۽ ڏينهن جو اڪثر حِصّو با وُضو رهي ان جون بَرڪتون ماڻڻ جي تَوفِيق عطا فرمائي-اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سَدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! عام طور اسان روزانو ئي نمازن ۽ ٻين عبادتن کان پهريان وُضو ڪرڻ جي سَعادت حاصِل ڪندا آهيون پر شايد اسان ڪڏهن هن ڳالهِ تي غور نہ ڪيو هوندو تہ آخر وُضو جي شروعات هٿ ڌوئڻ کان ئي ڇو ڪئي ويندي آهي؟- تہ ياد رکو! عام طور اسان سڄي ڏينهن ۾ هٿن جي مدد سان پنهنجا ڪيئي ڪم سَرانجام ڏيون ٿا، جنهن سبب اسان جي هٿن ۾ مختلف قسم جا خطرناڪ جراثيم (Germs) لڳي ويندا آهن، جيڪڏهن انهن کي صاف سُٿرو نہ رکيو وڃي تہ هٿن ۾ لڳل جراثيم اسان جي مِعدي ۾ مُنتَقِل ٿي سگهن ٿا- وُضو ڪرڻ وَقت نيت ڪرڻ ۽ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ شريف پڙهڻ

ڪان بعد سڀ ڪان پهريان پنهي هٿن کي ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوٽو ويندو آهي، هن عمل جي بَرڪت سان اسان کي سُنّت تي عمل ڪرڻ جو ثواب به ملي ويندو آهي ۽ ڪوڙ بيمارين ۽ جراثيم کان به اسان جي حفاظت ٿي ويندي آهي، جيئن

## هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون

شَيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رِسالي ”وُضو ۽ سائنس“ جي صَفحي نمبر 10 تي لکن ٿا: هٿن سان مُختلِف ڪم ڪيا ويندا آهن جنهن جي ڪري مختلف شين ۾ هٿ وجهڻ سان هٿن ۾ مختلف ڪيميائي اجزا ۽ جراثيم لڳي ويندا آهن- جيڪڏهن سجو ڏينهن هٿ نہ ڌوتا وڃن تہ جلد ئي اهي چمڙي جي هنن بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا: مثال طور: هٿن جون آرايون، چمڙي جي سوزش (يعني چمڙي جي سوڄ)، ايگزيما، سينور (اهي جراثيم جيڪي ڪنهن شيء تي سينور جيان جمي ويندا آهن) جون بيماريون، چمڙي جون رنگ بدلجڻ وغيره- جڏهن اسان هٿ ڌوئيندا آهيون تہ آڱرين جي سَنڌن مان شعاع نڪري هڪ اهڙو حلقو ٺاهيندا آهن جنهن سان اسان جو اندروني برقي نظام مُتحَرڪ (Active) ٿي ويندو آهي ۽ هڪ حد تائين برقي لهر اسان جي هٿن ۾ سمٽجي ايندي آهي، جنهن سان اسان جي هٿن ۾ خوبصورتي پيدا ٿيندي آهي ۽ هٿ انهن شين سان ٿيندڙ اِنفيڪشن (Infection) کان محفوظ ٿي ويندا آهن-

(وضو ۽ سائنس،ص۱۰ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسواڪ (ڏندڻ) بہ وُضو جي هڪ اهڙي بهترين سُنّت آهي جيڪا گهڻين حڪمتن سان ڀريل آهي ۽ هن ۾ ڪثير دُنيوي ۽ اُخروي فائدا ۽ ثمرات پوشيده آهن- عِلم وارن تہ هن جا ڪوڙا فائدا ۽ فضيلتون ڪتابن ۾ لکيون ئي آهن پر جديد سائنس مسواڪ تي تحقيق ڪري هن جي باري ۾ اهڙا اهڙا انڪشاف ڪيا آهن جو ٻڌي عقل حيران رهجي ويندا آهن- اچو! اسان بہ مسواڪ جا ڪجهہ دُنيوي ۽ اُخرِوي فائدن (Benefits) جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

## مِسواڪ جون 25 بَرَڪتون

حضرت علّامہ سيد اَحمد طَحطاوِي حَنَفِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه نَقل فرمائن ٿا: ❖ مسواڪ (يعني ڏندڻ) کي لازم ڪري وٺو، اُن کان غفلت نہ ڪيو. ان کي هميشہ ڪندا رهو ڇوتہ ان ۾ الله ڪريم جي خوشنودي آهي. ❖ هميشہ ڏندڻ ڪرڻ سان رزق ۾ آساني ۽ برڪت رهندي آهي. ❖ مٿي جو سور ختم ٿيندو آهي. ❖ بلغم ختم ڪندو. ❖ نظر تيز ڪندو آهي. ❖ معدو درست رکندو آهي. ❖ جسم کي توانائي بخشيندو. ❖ حافظو (ياد داشت جي قوّت) مضبوط ڪندو آهي ۽ عقل کي وڌائي ٿو. ❖ دل کي پاڪ ڪندو آهي. ❖ نيڪين ۾اضافو ٿي ويندو آهي. ❖ فرشتا خوش ٿيندا آهن. ❖ ڏندڻ شيطان کي ناراض ڪري ڇڏي ٿو. ❖ کاڌو هضم ڪندو آهي. ❖ ٻارن جي پيدائش ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❖ پوڙهائپ دير سان ايندي آهي. ❖ پٺيءَ کي مضبوط ڪندو آهي. ❖ بدن کي الله پاڪ جي اطاعت جي لاءِ قوّت ڏيندو آهي. ❖ نزع ۾ آساني ۽ ڪلمہ شهادت ياد ڏياريندو آهي. ❖ قيامت ۾ عمل نامو سڄي هٿ ۾ ڏياريندو آهي. ❖ پل صراط کان بجلي وانگر پار ڪرائي ڇڏيندو. ❖ حاجتن جي پوري ٿيڻ ۾ ان جي امداد ڪئي ويندي آهي. ❖ قبر ۾ آرام ۽ سڪون ماڻيندو آهي. ❖ ان جي لاءِ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن. ❖ دنيا مان پاڪ صاف ٿي ڪري رخصت ٿيندو آهي. ❖ سڀ کان وڏو فائدو هي آهي تہ هن ۾ الله پاڪ جي رضا آهي.

(حاشية طحطاوي، كتاب الطهارة، ص٦٩ ملخصاً)
(مسواڪ شريف ڪے فضائل، ص١٩)

مسواک کی نمازیں سَتَّر گُنا ہیں افضل کِتنی کرم فضا ہے مسواک پیاری پیاری
کرتی ہے دل کو روشن سرکار کی ہے سُنّت رُوحانی اِک غذا ہے مسواک پیاری پاری

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ-

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو---اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

## سائنسي اعتبار سان مِسواڪ جا طِبّي فائدا

اَمِريڪا جي هڪ مشهور ڪمپني جي تحقيقات جي مطابق ڏندڻ ۾ نقصان ڏيڻ وارن بيڪٽيريا (Bacteria) کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت ڪنهن ٻـ ٻئي طريقي جي بنسبت 20 فيصد وڌيڪ آهي. ❖ سوئيڊن جي سائنسدانن جي هڪ تحقيق جي مطابق مِسواڪ جا تاندورا بيڪٽيريا کي مس ٿيڻ بغير براهِ راست (Direct) ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڏندن کي ڪيئي بيمارين کان بچائيندا آهن. ❖ يو ايس نيشنل لائبريري آف ميڊيسن جي شايع شده تحقيق ۾ هي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن مسواڪ کي صحيح طور استعمال ڪيو وڃي تہ هي ڏندن ۽ وات جي صفائي جو بهترين ذريعو آهي. ❖ هڪ تحقيق جي مطابق جيڪي ماڻهو مسواڪ جا عادي آهن انهن جي مسوڙن مان رت (Blood) اچڻ جي شڪايت تمام گهٽ ٿي ويندي آهي. ❖ امريڪا ۾ ڏندن جي متعلّق ٿيڻ واري هڪ نشست ۾ ٻڌايو ويو تہ مسواڪ ۾ اهڙا مادا هوندا آهن جيڪي ڏندن کي ڪمزوري کان بچائيندا آهن ۽ اهي تمام دوائون جيڪي ڏندن جي صفائي ۾ استعمال ٿينديون آهن ،انهن سڀني کان وڌيڪ فائدي مند مسواڪ آهي. ❖ مِسواڪ ڏندن تي جميل ته کي ختم ڪري ٿي. ❖ مِسواڪ ڏندن کي مڪمل تباهي کان بچائي ٿي. ❖ دائمي نزلي ۽ زڪام جا اهي مريض جن جو بلغَم نہ نڪرندو هجي، جڏهن اهي مسواڪ ڪندا آهن تہ بلغم نڪرڻ لڳندو آهي ۽ ائين مريض جو دماغ هلڪو ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. ❖ پيتهالوجِسٽز جي تجربن ۽ تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي تہ دائمي نزلي جي لاءِ مِسواڪ بهترين علاج آهي. (مسواک شریف کے فضائل،ص۷-۸)

یا ربّ کرم سے ہم کو ہوجائے اس کی عادت　　جاں بخش دل کشا ہے مسواک پیاری پیاری

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ-

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو---اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

## مِسواڪ سان معدي جي تيزابيّت ۽ وات جي ڇالن جو علاج

وات جي ڪجھ قسمن جا ڇالا معدي جي گرمي ۽ تيزابيّت سبب ٿيندا آھن ۽ انھن ۾ ھڪ قسم اھڙي بہ آھي جنھن جا جراثيم وات ۾ ڦھلجي ويندا آھن- ان جي علاج لاءِ وات ۾ تازو ڏنڊڻ ڪريو ۽ ان جي لُعاب (ٿُڪ) کي ڪجھ دير تائين وات ۾ ڦيرائيندا رھو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ مرض نيڪ ٿي ويندو- ڪجھ ماڻھو شڪايت ڪندا آھن تہ ڏند ڦڪا ٿي ويا آھن يا ڏندن مان سفيدي جو اَستر (Enamel) لھي ويو آھي .اھڙن ماڻھن جي لاءِ مسواڪ جا تازا تاندورا مفيد آھن، پڻ ڏندن جي ڦڪاڻ ختم ڪرڻ لاءِ بہ مفيد آھي. مِسواڪ تَعَفُّن (بدبو) کي دفع (يعني پري) ۽ وات جي جراثيم جو خاتمو ڪندو آھي، جنھن سان انسان بيشمار مرضن کان بچي سگھي ٿو. (مسواڪ شريف ڪے فضائل،ص٨-٩)

## ڪينسر کان حفاظت

ھڪ سَروي مطابِق جيڪڏھن دنيا ۾ 100 مريض ڪينسر جا ھجن تہ اُن ۾ 5 فيصد مسلمان ھوندا يعني مسلمانن ۾ ڪينسر جي گھٽ ھئڻ جو ھڪ سبب مسواڪ بہ آھي ڇوتہ وات ۾ جيڪي جراثيم ٿُوٿ پيسٽ کان بچي ويندا آھن اھي مسواڪ جي سنھن ريشن جي مدد سان مري ويندا آھن، جنھن جي ڪري مسلمان وات ۽ معدي جي ڪينسر کان محفوظ رھندا آھن-

## مسواڪ ذريعي ڳلي جي سورِ ڪنڌ جي سوڄ جو طبّي علاج

ھڪ شخصِ جي ڳلي ۽ ڪنڌ ۾ سور ھو ۽ ڪنڌ ۾ سُوڄ بہ ھئي- ڳلي جي مَرَض سبب ان جو آواز بہ خراب ھو، ڪنڌ جي سور ۽ سُوڄ سبب مٿو ڦرڻ لڳو ھو، جنھن سان ان جو حافِظو ڪمزور (Weak) ٿي چڪو ھو- ھو شخص ڊاڪٽرن وٽ علاج ڪرائيندو رھيو پر ڪو فائدو نہ ٿيو- ڪنھن ان کي مِسواڪ ڪرڻ جو مشورو ڏنو تہ ھو باقاعِدي سان مِسواڪ ڪرڻ لڳو- ان سان گڏوگڏ مِسواڪ جا بہ ٽڪر ڪري پاڻي ۾ اُباريندو ھو ۽ ان پاڻي سان گرڙا ڪندو ھو- ان کان عِلاوه جتي سُوڄ ھئي اتي ڪجھ دوا بہ لڳائيندو رھيو- اھو علاج گھڻو مفيد ثابت ٿيو- جڏھن تحقيق ڪئي وئي تہ ان جو ٿائي رائيڊ گلينڊ مُتاثر ھو، جنھن جو اَثر سڄي جسم تي ٿيو ھو- (اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ) مسواڪ واري علاج (جي بَرَڪت) سان ان جي اھا بيماري دور ٿي وئي ۽ ھو تَندُرُست ٿي ويو-

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڀلو اوهان! مسواڪ شريف جي بَرَڪت سان مسواڪ ڪرڻ وارن کي ڪيتري قدر فضيلتون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون آهن ۽ اُنهن کي ڪهڙا ڪهڙا فائدا ۽ ثمرات ميٺڻ جي سعادت ملندي آهي- تہ جيڪڏهن اسان بہ باوُضو رهڻ جي عادت بڻايون ۽ مسواڪ جي سُنّت تي هميشگي اِختيار ڪريون تہ يقيناً اهي فضيلتون ۽ بَرَڪتون ۽ فائدا ۽ ثمرات اسان کي بہ نَصيب ٿيندا- اچو! نِيت ڪريون تا تہ اڄ کان ڏينهن جو اڪثر حِصّو باوُضو رهنداسين، مسواڪ جي پياري پياري سُنّت زنده ڪنداسين، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندا سين- اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ-

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو-اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

فيضانِ مسواڪ! جاري رهندو---اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني دَرس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! باوُضو رهڻ جي عادت بڻائڻ، مسواڪ جي سُنّت تي عمل جو جذبو ماڻڻ ۽ آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن کي ڦهلائڻ جي تڙپ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دم وابستہ تي پنهنجي مصروفيتن مان ڪجھ نہ ڪجھ وَقت (Time) ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن جي لاءِ بہ ڪيون- هر اسلامي ڀاءُ تي ڪا نہ ڪا تنظيمي ذمہ داري هئڻ گهرجي، هن ذِمہ داري جي برڪت سان نمازِ پنجگانہ جي ادائيگي جي سعادت نصيب ٿيندي، هن ذِمہ داري جي برڪت سان خوب خوب نيڪيون ڪرڻ جو موقعو ملندو، هن ذِمہ داري جي برڪت سان علمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو، هن ذِمہ داري جي برڪت سان مدني اِنعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت ملندي رهندي، تنهنڪري اسان کي پنهنجي تنظيمي ذمہ داري مطابق مدني ڪمن ۾ مصروف رهڻ گهرجي، 12مدني ڪمن مان جنهن مدني ڪم کي ڪرڻ جو اسان جذبو رکون ٿا، پنهنجن ذِمّہ داران سان رابطہ ڪري ان مدني ڪمن جي ذريعي نيڪي جي دعوت جون ڌومون

مچائڻ شروع ڪريون-
ياد رهي! ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مدني درس“ بہ آهي، جيڪو عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي- امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ ابوبلال مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ڪجھ ڪتابن ۽ رسالن جي عِلاوہ سندن تمام ڪتابن ۽ رسالن خاص ڪري ”فَيضان سُنّت“جلداَوَّل ۽ ”فَيضانِ سُنّت“جلد بہ مان هن ابوابن (1) ”غيبت جون تباھ ڪاريون“ ۽ (2) ”نيڪي جي دعوت“ مان مَسجد، چوڪ، بازار، دُڪان، دفتر ۽ گھر وغيره ۾ درس ڏيڻ کي تنظيمي اِصطلاح ۾ ”مَدَني دَرس“ چوندا آهن-

❖ مَدَني دَرْس نهايت ئي پيارو مَدَني ڪم آهي چوتہ ان جي بَرَڪت سان مسجد جي حاضِري جي باربار سعادت نصيب ٿيندي آهي- ❖ مَدَني دَرس جي بَرَڪت سان مطالعي جو موقعو ملندو آهي- ❖ مَدَني دَرس جي بَرَڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنّت عام ٿيندي آهي- ❖ مَدَني دَرس جي بَرَڪت سان امير اَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي مُختلف موضوعن تي مُشتَمِل ڪتاب ۽ رسالن مان عِلمِ دِين سان مالامال قِيمتي مَدَني گل اُمّتِ مُسلِمہ تائين پهچائي سگھجن ٿا- ❖ مَدَني دَرس، بي نمازين کي نمازي بڻائڻ ۾ گھڻو مُعاون ۽ مددگار آهي- ❖ مَدَني دَرس، مسجد جي حاضِري کان محروم رهڻ وارن تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائڻ جو هڪ مُفيد ترين ذريعو آهي- ❖ مسجد جي علاوہ چوڪ، بازار، دُڪان وغيره ۾ جيڪڏهن ”مَدَني دَرس“ ٿيندو تہ ان جي بَرَڪت سان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي- ❖ مَدَني دَرس جي بَرَڪت سان اَميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي مُختلِف ڪتابن ۽ رسالن جو تَعارُف (Introduction) عام ٿيندو-

دُعاءِ عطّار: يا ربِّ محمّد عَزَّوَجَلَّ! جيڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ روزانو 2 درس ڏين يا ٻُڌن اُنهن کي ۽ مون کي بي حساب بخش ۽ اسان کي اسان جي مَدَني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رهاءِ-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو! ”مَدَني دَرس“ جي هڪ اِيمان اَفروز مَدَني بهار ٻُڌون جيئن

## مدني درس ۾ ويهڻ وارو عالم بڻجي ويو

بابُ الاِسلام سنڌ جو هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو نائين (9th) ڪلاس ۾ پڙهندو هو ۽ دُنيا حاصل ڪرڻ جي جُستُجو ۾ مگن هو، عَلائقي جي اسلامي ڀاءُ اُن کي نيڪي جي دعوت ڏئي مسجد ۾ وٺي آيو- جڏهن هو نماز پڙهي مسجد مان نڪرڻ لڳو تہ هڪ خَير خواه اسلامي ڀاءُ (جيڪو مسجد جي در وٽ بيٺل هو) اُن کي دَرس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني- ان ڪري هو مدني درس (دَرسِ فيضانِ سُنّت) ۾ ويهي رهيو، پوءِ هن، اسلامي ڀائرن جي اِنفرادي ڪوشِش سان مَدرَسَةُ المَدِينَہ (بالِغان) ۾ پڙهڻ شُروع ڪيو- هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ شرڪت ڪئي- ڪجھ هفتن کان پوءِ اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ٽيليفون ذريعي بيان ٽيو- بَيان کان پوءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اِجتماعي تَوبہ ۽ بَيعَت ڪرائي تہ اهو اسلامي ڀاءُ بہ گناهن کان تَوبہ ڪري عطّاري بڻجي ويو- مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان اُن عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ 1999ء ۾ جَامِعَةُ المَدِينَہ (فَيضانِ عُثمانِ غَنِي گلستانِ جَوهر باب المدينه ڪراچي) ۾ داخلو ورتو ۽ 2005 ۾ عالِمِ دين بڻجڻ تي انهن کي مٺي مٺي مُرشِدِ ڪريم اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هٿان دَستارِ فضيلت طور تي سَبز سَبز عِمامو شريف ٻَڌائڻ جو شَرَف بہ مِلي ويو-

یقیناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول
دُعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وات اسان جي بدن جو هڪ اهڙو قيمتي حِصّو آهي جنهن جا ڪيئي فائدا آهن، مثال طور وات جي ذريعي اسان کاڌو، پاڻي، دوائون ۽ پيون ڪيئي شيون کائون ۽ پيئون ٿا، انهيءَ وات سان تلاوتِ قرآن بہ ڪريون ٿا، حَمد و نعت ۽ مَنقبَت بہ پڙهون ٿا، سلام ۽ ڪلام بہ اُن وات سان ڪريون ٿا، ان جي علاوه ڪيئي ڪم ان وات جي ذريعي ڪندا آهيون،

تنهنڪري اهي تمام شيون اسان ڪان هن ڳالهه جي تقاضا (Demand) ڪن ٿيون تہ اسان پنهنجي وات کي صاف سُٿرو رکون- اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وُضُو دوران ڳُرڙي ۽ ڳرڙا ڪرڻ جي بَرَڪت سان وات بہ پاڪ ۽ صاف رهي ٿو ۽ ڪوڙ بيمارين کان بہ حفاظت ٿي ويندي آهي- اچو! ڳرڙي ڪرڻ ۽ ڳرڙا ڪرڻ جا ڪجھ طِبّي فائدا مُلاحَظَ ڪريو،

## ڳُرڙي ۽ ڳُرڙا ڪرڻ جا طِبّي فائدا

هوا جي ذَرِيعي لاتعداد مُهلِڪ جَراثيم ۽ غذا جا ذرا وات ۽ ڏندن ۾ ٽُڪ سان ڳڏ لڳي ويندا آهن- جيڪڏهن وُضو ۾ مِسواڪ ۽ ڳرڙين جي ذَرِيعي وات جي بهترين صفائي نہ ڪئي وڃي تہ ڪئي خطرناڪ مرض پيدا ٿي سگهن ٿا: مثال طور (1) ايڊز: ان جي اِبتِدائي نشانين ۾ وات ۾ چالا ٿيڻ بہ شامل آهي، (2) وات جي ڪنارن جو پچڻ، (3) وات ۾ سينور جون بيماريون ۽ چالا وغيره- اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وُضُو ڪرڻ مهل ڳرڙي ڪرڻ سان هنن خطرناڪ مرضن کان بچاءُ حاصِل ٿيندو آهي، ڳرڙي ڪرڻ سان هڪ تہ پاڻي جو ذائقو ۽ بُو جي خبر پئجي ويندي آهي تہ جيڪو پاڻي اِستعمال ڪيو پيو وڃي اهو حِفظانِ صحّت جي حوالي سان نقصانڪار تہ ناهي، اهڙي طرح روزو نہ هجي تہ ڳَرڙي سان ڳڏ ڳرڙا ڪرڻ بہ سُنّت آهن ۽ پابندي سان ڳرڙا ڪرڻ وارو ڪڏهن ڪاڪڙو (Pharynx) وڌڻ، ڳلي ۾ موجود ٽانسلز جي انفيڪشن ۽ ڳلي جي ڪوڙ بيمارين ايستائين جو ڳلي جي ڪينسر کان محفوظ رهندو آهي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نڪ ۾ پاڻي وجھڻ جا طِبّي فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وُضو دوران نڪ ۾ پاڻي وجھڻ طِبّي لحاظ کان گھڻو فائديمند آهي ۽ اهو عمل ڪيئي بيمارين کان محفوظ رِکي ٿو چوتہ اسان سڄي ڏينهن نڪ جي ذريعي ساهہ کڻون ٿا، جنهن سبب ساهہ جي ذريعي نڪ ۾ دُونهون، مٽي غُبار ۽ طرح طرح جا جراثيم هليا ويندا آهن- سڄي ڏينهن ۾ وُضو ڪندي تقريباً 15 ڀيرا نڪ ۾ پاڻي وجھڻ سان اهي جراثيم، گرد و غبار ۽ دُونهي سان ٿيندڙ مُهلِڪ بيمارين کان بچاؤ ممڪن ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح ڦڦڙن کي اهڙي هوا درڪار هوندي آهي جيڪا جراثيم، دُونهي ۽ گَرد و

غُبار کان پاڪ هجي ۽ ان ۾ 80 فيصد رَطُوبت (يعني آلاڻ) هجي، اهڙي هوا فراهم ڪرڻ جي لاءِ الله پاڪ اسان کي نڪ جي نعمت کان نوازيو آهي، وُضُو ڪندي نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جي بَرَڪت سان اسان بيشُمار خطرناڪ مرضن کان محفوظ ٿي ويندا آهيون، دائمي نَزلو ۽ نڪ جي زخم جي مريضن جي لاءِ نڪ جو غُسل (يعني وُضُو جيان نڪ ۾ پاڻي وجهڻ) بيحد مفيد آهي ۽ ماهرينِ ”هائيڊرو پيٿي“ يعني پاڻي سان علاج جي ماهرن جي ويجهو نڪ ۾ پاڻي وجهڻ بَصارَت (نظر) کي تيز ڪري ٿو-

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڪي ماڻهو پنهنجي چهري (Face) جي خوبصورتي ۽ ترو تازگي وڌائڻ ۽ چهري جي داڻن کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ چهري تي مُختلِف ٽوٽڪا ۽ نسخا آزمائن ٿا ۽ مهانگيون مهانگيون ڪريمون لڳائن ٿا ته جيئن چهري تي مَصنوعي چمڪ ڏمڪ اچي وڃي- ياد رکو! ٽوٽڪا ۽ نسخا آزمائڻ ۽ مهانگيون ڪريمون لڳائڻ کان پوءِ چهرو وقتي طور تي چمڪدار ٿي ويندو آهي پر بعد ۾ هن سبب چهري تي جُهري، داڻا، پَس ۽ عجيب و غريب داغ نڪري ايندا آهن جيڪي سخت تڪليف جو سبب ٿيندا آهن ۽ انهيءَ ڪري چهرو خوبصورت ٿيڻ بدران بدصُورت ٿي ويندو آهي- چهري جي خوب صُورتي کي وڌيڪ خوبصورت ڪرڻ ۽ ان کي تر و تازگي بخشڻ جي لاءِ وُضو هڪ بهترين نسخو آهي، ڇوته وُضو ۾ تي (3) ڀيرا چهرو ڌوتو ويندو آهي جنهن سبب نه صِرف چهري جي رونق ۾ اِضافو ٿيندو آهي بلڪ ان جي بَرَڪت سان بيا ڪوڙ طِبّي فائدا پڻ حاصِل ٿيند آهن- اچو! وُضو ۾ چهرو ڌوئڻ جي ڪجهه طِبّي فائدن جِي باري ۾ ٻڌو ۽ باوُضو رهڻ جي عادت ٻڌائي ان جون بَرَڪتون ماڻيو،

## چهرو ڌوئڻ جا طِبِّي فائدا

وُضو دوران چهري تي تي (3) ڀيرا هٿ ڦيرڻ سان نه صرف دماغ پُرسُڪون ٿي ويندو آهي بلڪ چهري تي چمڪ، جِلد ۾ نَرمي ۽ لَطَافت پيدا ٿي ويندي آهي- گرد و غبار صاف ٿي چهرو بارونق ۽ پُرڪشِش ۽ بارُعب ٿي ويندو آهي- اکين جي حِصّن کي تسلّي ملندي آهي ۽ اکيون پُرڪشِش خوبصورت ۽ پُرخُمار ٿي وينديون آهن- هڪ يورپي ڊاڪٽر مَقالو لکيو جنهن جو نالو هو ”آئي واٽر هيلٿ (Eye Water Health)“ جنهن ۾ ان هن ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته پنهنجي اکين کي ڏينهن ۾ هر هر ڌوئيندا رهو نه ته توهان کي خطرناڪ بيمارين سان

واسطو پئجي سگھي ٿو، ڏينھن ۾ ڪيئي ڀيرا چھرو ڌوئڻ سان چھري تي ڏاڍا ناھن نڪرندا يا گھٽ نڪرندا آھن- چيني ماھرن جي تحقيق مطابق چھرو ڌوئڻ سان پيٽ ۾ نندي آندي، سيني، وڏي آندي وغيره تي بہ چڱا اثر ٿيندا آھن جنھن جي ڪري آشوبِ چشم، چڪر اچڻ، ڪمزوري، ڏندن جي ڪمزوري، مٿي جو سور، ٿڪاوٽ ۽ گھبراھٽ وغيره ۾ گھٽي ڪمي ٿيندي آھي، وُضو دوران چھرو ڌوئڻ سان پرون پاڻي سان آلا ٿي ويندا آھن ۽ ميڊيڪل اُصول مطابق پرون تَر ڪرڻ سان اکين جي ھڪ اھڙي مرض جو اِمڪان ختم ٿي ويندو آھي جيڪو انسان کي بَصارَت (نور) کان محروم ڪري سگھي ٿو-

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سَدا یاالٰہی

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مٿي جو مَسح ڪرڻ ۽ پير ڌوئڻ جا طِبّي فائدا

مٿو انسان جي سمورن عضوئن کان وڌيڪ اَھمّيت رکي ٿو، تمام عضون جي فعل جو تَعَلُّق دِماغ سان ھوندو آھي، مٿي ۽ ڪنڌ جي وچ ۾ "حَبلُ الوَرِيد" ھوندي آھي، جنھن کي شہ رگ بہ چيو ويندو آھي- ان جو تَعَلُّق ڪرنگھي جي ھڏي، حرام مَغز ۽ جسم جي سمورن جوڙن کان ھوندو آھي، مٿي ۽ ڪنڌ جو مسح ڪرڻ سان ڪرنگھي جي ھڏي ۽ حرام مَغز جي خرابي سان پيدا ٿيندڙ بيمارين کان تَحَفُّظ حاصِل ٿيندو آھي، اھڙي طرح انساني جسم ۾ سڀ کان وڌيڪ گردو غبار ۽ دز مٽي سان آلوده ٿيڻ وارا عضوا پير آھن- انفيڪشن سڀ کان پھريان پيرن جي آڱرين جي وچين حصي ۾ شروع ٿيندو آھي ۽ شوگر جي مريض کي پيرن جو اِنفيڪشن گھٽو ٿيندو آھي، پير جي ترين جو ھٿ جي ترين جيان تمام اَعصاب خاص طور تي تمام غُدود سان تَعَلُّق رھندو آھي، تنھنڪري پير ڌوئڻ جي بَرَڪت سان بک جي ڪمي، تيز بخار، عِرقُ النَّسَاء (يعني ٽنگن جو درد جيڪو ڏڍ کان وٺي پير جي مريي تائين ٿيندو آھي)، نَڪسير، يرقان، گنٺيا (يعني جوڙن جي درد)، بَواسير، چڪر، جِنسي ڪمزوري، قَبض، ساھ پرجڻ وغيره کان آرام رھندو آھي- (مختلف ويب سائٹس سے ماخوذ)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رسالا ”وضوءِ سائنس“ ۽ ”وضو جو طريقو“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وضو جي باري ۾ وڌيڪ طبي فائدن ۽ وضو جي عضوئن کي ڌوئڻ جون مزيد حڪمتون ڄاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”وضو ۽ سائنس“ جو مطالعو ڪريو- جڏهن تہ وضو جو سُنّت طريقو ڄاڻڻ ۽ وضو جا شرعي مسئلا نهايت سولي انداز ۾ سمجهڻ جي لاءِ رسالو ”وضو جو طريقو“ جو مطالعو ڪرڻ گهڻو فائديمند آهي- تنهنڪري پاڻ بہ انهن رسالن جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو- دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هنن ٻنهي رسالن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وضو ڪرڻ ۾ ڪهڙي نِيت ڪريون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وُضُو جا طِبّي فائدا ڀلي اُمّيد آهي تہ اسان جو باوُضو رهڻ جو ذِهن ٺهيو هوندو پر ياد رکو! فَنِّ طِبّ ظَنّيات تي مَبني آهي- سائنسي تحقيق بہ حَتمي (يعني فائنل) ناهي هوندي، بدلجندي رهندي آهي- ها! اللّٰه پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَحڪام اٽل آهن اهي بدلجندا نہ- اِسان کي سُنّتن تي عمل طِبّي فائدا ماڻڻ جي لاءِ نہ، پر صِرف ۽ صِرف رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ ڪرڻ گهرجن، لٰهذا ان ڪري وُضُو ڪرڻ تہ منهنجو بلڊ پريشر نارمَل ٿي وڃي يا مان تازه دم ٿي وڃان يا ڊائٽنگ جي لاءِ روزو رکڻ تہ جيئن بک جا فائدا حاصل ٿين- سَفَرِ مدينہ ان ڪري ڪرڻ تہ آبهوا بہ تبديل ٿي ويندي، گهر ۽ ڪاروباري جهنجٽ کان بہ ڪجھ ڏينهن سُڪون ملندو يا ديني مُطالعو (Study) ان ڪري ڪرڻ تہ منهنجو ٽائم پاس ٿي ويندو- هن طرح جي نِيتن سان عمل ڪرڻ وارن کي ثواب نہ ملندو- جيڪڏهن اسان عمل اللّٰه پاڪ کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ڪنداسين تہ ثواب بہ ملندو ۽ ضِمناً ان جا فائدا بہ حاصل ٿي ويندا- تنهنڪري

ظاهري ۽ باطِني آداب جو لحاظ رکندي وُضُو بہ اسان کي الله کريم جي رِضا ئي جي لاءِ ڪرڻ گهرجي.

مرا ہر عمل بس تیرے واسطے ہو کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توڙي جو وُضو جي بَرَڪت سان اسان ظاهري پاڪيزگي جو اِهتمام ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هونداسين پر ان ڪان وڌيڪ اسان کي پنهنجي باطِن يعني پنهنجي دل کي گناهن جي گندگين کان پاڪ ۽ صاف رکڻ جي بيحد ضرورت آهي- لهٰذا جهڙي طرح وُضو ڪرڻ سان اسان ظاهر کي گناهن کان پاڪ ڪريون ٿا اهڙي طرح تَوبہ ۽ استغفار جي ذريعي پنهنجي باطِن کي صاف ڪريون ۽ پوءِ ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ جُهڪون تہ اجا بہ وڌيڪ بَرَڪتون نصيب ٿينديون-

## تصوُّف جو عظيم مَدَني نسخو

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مکتبة المدينہ جي ڪتاب”اِحياءُ العُلوم“ جلد پهرين جي صَفحي نمبر 425 تي حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه باطِني صفائي جي اَهمّيت کي اُجاگر ڪندي فرمائن ٿا: جڏهن وُضو کان فارِغ ٿيو ۽ نماز ڏانهن مُتَوَجِّہ ٿيو تہ دل ۾ اهو خيال هئڻ گهرجي تہ مون پنهنجي ظاهر کي تہ پاڪ ڪري وِرتو جنهن تي مخلوق جي نظر پوندي آهي- لهٰذا هاڻي دل کي پاڪ ڪرڻ بغير بارگاهہ الٰهي ۾ مُناجات ڪرڻ کان حياءُ ڪرڻ گهرجي تہ ان کي الله پاڪ ڏسي رهيو آهي ۽ اها ڳالهہ يقيني آهي تہ دل جي پاڪيزگي تَوبہ سان حاصِل ٿيندي آهي- دل جو بُري اَخلاق کان پاسو ڪرڻ ۽ چڱن اخلاق سان مُزَين هئڻ ضروري آهي- تہ جيڪو صِرف ظاهري طَهارت کي ڪافي سمجهي ٿو اهو ان شخص جيان آهي جنهن بادشاهہ کي گهر ۾ اچڻ جي دعوت ڏيڻ جو اِرادو ڪيو ۽ گهر جي اندرئين حِصّي کي گندگين کان آلوده ڇڏي ٻاهرين حصّي تي چُونو ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو تہ اهڙو شخص بادشاهہ جي غَيض ۽ غَضَب جو ڪيتري قدر حق دار آهي- الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو- (احياء العلوم، ڪتاب اسرار الطهارة،١/ ١٨٥)

ہوں بظاہِر بڑا نیک صورت کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت
ظاہر اچھا ہے باطِن بُرا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دارُالاِفتاءاَهلسُنّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! باطِني صفائي جو طريقو سکڻ ۽ باوُضو رهڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهو ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو- اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم و بيش 104 شعبن ۾ دينِ مَتين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، ان شُعبن مان هڪ ”دارُالاِفتاء اَهلسُنّت“ بہ آهي، جنهن جي تحت سڀ کان پهريون دارُالافتا 15 شَعْبَانُ الْمُعَظَّم1421ھ تي جامع مسجد ڪنزُالاِيمان ،بابري چوڪ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ قائم ٿيو ۽ هينئر تائين ڪراچي جي مُختلف علائقن ۽ پاڪستان جي مُختلف شهرن ۾ بہ ”دارُالاِفتاء اَهلسُنّت“ قائم ٿي چڪا آهن، جتي مُفتِي سڳورا اُمّتِ مُسْلِمَہ جي شرعي رهنمائي ۾ مَصرُوفِ عمل آهن- ان جي علاوه ’’دارُالافتاء اهلسنَّت‘‘ جا مُفتي سڳورا ٽيلي فون، واٽس اَيپ (Whatsapp) ۽ اِنٹر نيٽ تي سڄي دُنيا جي مُسلمانن جي طرفان پيچا ڪيل مَسئلن جو حل ٻڌائيندا آهن- اِنٹرنيٽ جي ذريعي سڄي دُنيا مان هن ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سوال پڇي سگهجن ٿا. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني چينل جي سلسلن ۾ ”دارُالاِفتاءاَهلسُنَّت“ جي نالي سان هڪ مقبولِ عام ۽ نهايت معلوماتي سلسلو بہ نشر ڪيو ويندو آهي- ۽ پڻ دُنيا جي ڪنهن بہ حصي کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرن تي رابطو بہ ڪري سگهجي ٿو- نمبر نوٽ فرمائي ونو-

0300-0220113--------0300-0220112

0300-0220115---------0300-0220114

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ علمِ دين جو نور ڦهلائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس آئي ٽي (I.T) جي تعاون سان ”دارالافتاء اهلسنّت“ موبائل ايپليڪيشن (Application) بہ اچي چڪي آهي ۽ وڏيڪ ترقي جو سفر جاري آهي- ياد رکو! پاڪستاني وقت جي مُطابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين هنن نمبرن تي رابطو ڪري

سگهجي ٿو، (منجهند جو هڪ ڪان ٻہ ٻجي تائين وقفو ٿيندو آهي) جُمُعي جي ڏينهن موڪل هوندي آهي. الله ڪريم ”دارُالاِفتاء اهلسنّت“ کي وڌيڪ تَرَقّيون عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ
❖ صفائي سُٿرائي کي اِسلام ۾ تمام گهڻي اَهمّيت حاصِل آهي- ❖ باوُضو رهڻ وارن جو شُمار نيڪ ماڻهن ۾ ٿيندو آهي- ❖ وُضو ظاهري ۽ باطِني بيمارين کان بچڻ جو بهترين نُسخو آهي- ❖ وُضو ڪرڻ وارا خوش نصيب فالِج ۽ ڪينسر کان بچي ويندا آهن- ❖ وُضو ڪرڻ وارن جا عضوا بروزِ قِيامت چمڪندا هوندا- ❖ باوُضو رهڻ وارن جي صحبت ۾ ملائڪ رغبت رکندا آهن- ❖ وُضو ڪرڻ وارن جا چهرا تر وتازه ۽ خوبصورت هوندا آهن- ❖ وُضو ۾ مسواڪ ڪرڻ وارن جو خاتِمو اِيمان تي ٿيڻ جي بشارت (خوشخبري) آهي- ❖ وُضو ۾ مٿي جو مَسح ڪرڻ سان ڪرنگهي واري هڏي ۽ حرام مَغز جي خرابي کان حفاظت رهندي آهي- ❖ وُضو دوران نڪ ۾ پاڻي وجهڻ سان نظر تيز ٿيندي آهي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻي ۾ اِسراف کان بچڻ بابت مَدَني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي پاڻي ۾ اِسراف کان بچڻ جي باري ۾ ڪجهہ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا- پهريان 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظَہ ڪريو: (1) فرمايائون: وُضُو ۾ تمام گهڻو پاڻي وهائڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي ۽ اهو ڪم شيطان جي طرفان آهي- (كنزُ العُمّال،۹/۱۴۴،حديث:۲۶۲۵۵) (2) آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ شخص کي وضو ڪندي ڏٺو تہ فرمايائون: ”اسراف نہ ڪر، اِسراف نہ ڪر- (ابن ماجه ،كتاب اطهارة و سننها،باب ما جاء في القصد في الوضوء۔۔ الخ،۱/ ۲۵۴، حديث:۴۲۴) ❖ جيڪڏهن وَقف ٿيل پاڻي مان وُضو ڪيو تہ گهڻو پاڻي خَرچ ڪرڻ بِالْاِتّفاق حرام آهي- (وضو جو طريقو ،ص۴۲) ❖ ڪجهہ ماڻهو ٻُڪ ۾

پاڻي اهڙيءَ طرح وجهندا آهن جو وهڻ لڳندو آهي حالانڪ جيڪو پاڻي هارجي ويو سو بيڪار تي ويو، ان ڪان احتياط ڳهرجي- (وضو جو طريقو ،ص۴۲) ❖ اڄ تائين جيترو بہ ناجائز اسراف ڪيو آهي ان ڪان توبهہ ڪري اڳتي ان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش شروع ڪريو- ❖ وضو ڪرڻ وقت ٽونٽي احتياط سان کوليو، وضوءَ جي دؤران ڪوشش ڪريو تہ هڪ هٿ ٽونٽيءَ جي مٿان هجي ۽ ضرورت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هرهر ٽونٽي بند ڪندا رهو- ❖ ڏندڻ، ڳرڙي، ڳرڙا، نڪ جي صفائي، ڏاڙهي ۽ هٿن پيرن جي آڱرين جو خِلال ۽ مَسَحُ ڪرڻ وقت هڪ بہ ڦڙو نہ ڪري ۽ ائين چڱيءَ طرح ٽونٽي بند ڪرڻ جي عادت بڻايو- ❖ سياري ۾ وضو يا غسل ڪرڻ يا ٿانوَ ۽ ڪپڙا وغيره ڌوئڻ لاءِ گرم پاڻي حاصل ڪرڻ خاطر پائيپ ۾ جمع ٿيل ٿڌو پاڻي ائين ئي وهائي ڇڏڻ بدران ڪنهن ٿانوَ ۾ ڀريان ئي ڪدي ونڻ جي ترڪيب بڻايو- ❖ هٿ يا منهن ڌوئڻ لاءِ صابڻ جي ڳج بڻائڻ لاءِ بہ پاڻي احتياط سان خرچ ڪريو. ❖ استعمال ڪان پوءِ اهڙي صابڻ داڻي ۾ صابڻ رکو جنهن ۾ پاڻي بلڪل نہ رڪي- ❖ ٽونٽيءَ مان جيڪڏهن قَطرَا ٽِمندا هجن تہ جلد ان جو ڪو حل ڳوليو نہ تہ پاڻي ضايع ٿيندو رهندو. ❖ ۽ ڪهڻو ڪري مَسجدن ۽ مدرسن جون ٽونٽيون ٽِمنديون رهنديون آهن پر ڪو پُڇڻ وارو ڪونہ هوندو آهي.اِنتظامِيہ کي پنهنجي ذميواري جو خيال ڪندي پنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ جلد ڪا ترڪيب ڪرڻ ڳهرجي- ❖ ڪاڏي ڪائڻ، چانهہ يا ڪو شربت پيئڻ، ميوا ڪٽڻ وغيره وارن مُعاملن ۾ احتياط ڪريو تہ جيئن هر داڻو، هر غذائي ذرو ۽ هر ڦڙو استعمال ٿي وڃي- (وضو جو طريقو ،ص۴۷،۴۶،۴۵)

*مجھ کو جذبہ دے سَفَر کا کرتا رہوں پَروَردگار سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار*

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھک ڀيرو پڙھڻ سان ڇھه لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

ھک ڏينھن ھک شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) ھک ھزار ڏينھن جون نيڪيون

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305